سچل راڄپر*

# شيخ اياز جي مضمونن جو تحقيقي جائزو
# A Critical Stufy of Essays of Shah Ayaz


## ABSTRACT:

Mubarak Ali Shaikh, known as Shaikh Ayaz was born on Second March 1923 A.D in Shikarpur. those days. He is famous as the leading poet of Sindhi language, by profession he was a lawyer that was why, he lived a disciplined life. His work, the poetry, the short stories and the literary essays have very importance in Literature. Ayaz prossesses control over his writing and he knows the power of "Pen". He discussed about the topics boldly and shared his ideas intellectually. He has a balance in his essays. He has powerful thoughts about the literature, history and culture. Ayaz has played the defensive role about the purpose of literature and guiding role for the Sindhi Literature in his essays: Asaan Ji Sindh (our Sindh). Adab Faqat Adab Aahay (The literature is only literature). Ghanghor Ghataoon Aen Mor (The Rainy clouds and Peacocks), Kahani ji Tarikh (The History of the story), (Ideas, Expressions, wishes) Khayal, Ihsas, Umang, Jadid Adab ji Ihmiat (The importance of Modern Literature). Shairi Ja Fanni Qadur Aen Sindhi Shairi (The Artistic values of poetry and the Sindhi poetry). Ayaz has written seventy six (76) books in his seventy five (75) years of life. No time he wasted. He was died on 27th December. 1997 A.D, in Karachi. Ayaz is an intellectual essayist of the Sindhi Language.


## تعارف

مبارڪ علي شيخ، "شيخ اياز"، 2 مارچ 1923ع تي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. تعليم شڪارپور، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين. پيشي جي لحاظ کان وڪيل هو ۽ سندس شهرت جو سبب شاعري هو. اياز پنهنجي زندگيءَ جو پل پل توري تڪي گذاريو ۽ سندس ڪم ٻڌائي ٿو ته سندس زندگيءَ ۾ توازن هو. اهو ئي سبب هو جو 75 سالن جي ڄمار ۾ 76 ڪتاب نظم توڙي نثر ۾ لکيائين. سنڌي ٻوليءَ جو هيءُ مهان ڪوي 27 ڊسمبر 1997ع تي سنڌ کي الوداع چئي هميشه لاءِ اسان کان جسماني طور تي جدا ٿي ويو پر سندس لکڻين سبب صدين تائين ياد رهندو.

* ايم- فل ريسرچ اسڪالر، سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

## مضمون نويسي:

وصف: جانسن (Jhonson) مطابق: ”مضمون انساني اندر جي اڻ هضم ٽيل ۽ بي ترتيب خيالن سان ڀرپور، هڪ مختصر ادبي تحرير آهي، جا ڪنهن خوش مزاج دل مان آزاديءَ سان نڪري نروار ٿئي ٿي. مضمون، نثر جي هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ ڪنهن ادبي، فلسفيانه يا سماجي موضوع تي شخصي يا تاريخي نقطئہ نظر کان روشني وڌي وئي هجي ۽ زياده طويل نہ هجي“. (1)

## مضمون بابت اهم نقطا:

- مضمون جي طوالت درمياني هئڻ گهرجي.
- مضمون نثر ۾ هئڻ ضروري آهي.
- مضمون جو تعلق موضوع جي خارجي پهلو سان هجي.
- مضمون جي پابندي اها تہ مضمون نگار جي حيثيت جو عڪس مضمون ۾ ڏسڻ ۾ اچي.
- مضمون جي ٻولي عام فهم، سادي ۽ سوادي هجي.

## شيخ اياز جا مضمون:

- اسان جي سنڌ
- ادب فقط ادب آهي
- گهنگهور گهٽائون ۽ مور
- ڪهاڻيءَ جي تاريخ
- خيال، احساس، اُمنگ
- جديد ادب جي اهيمت
- شاعريءَ جا فني قدر ۽ سنڌي شاعري

## اسان جي سنڌ:

اياز جي مضمونن ۾ بہ اها ئي تشنگي، رومانويت ۽ تخيل جي اعلىٰ اُڏام آهي جيڪا سندس شاعريءَ منجهہ آهي. اياز جي انفراديت اها آهي تہ هو چونڊ ڪرڻ مهل ڏاڍو محتاط رهي ٿو ۽ نوان خيال، ڪنوارا احساس، اڇوتا لفظ ۽ منفرد جملن جي چونڊ ڪري ٻوليءَ کي شاهوڪار بڻائي ٿو ۽ پڻ ٻولي ”تخليق“ ڪري ٿو.

سندس مضمون اڪثر ڪري مختلف ڪتابن جي لکيل مهاڳن جي صورت ۾ ملن ٿا. ”اسان جي سنڌ“ بہ جون 1947ع تي سندس ڪهاڻين جي

مجموعي جي مهاڳ جي صورت ۾ آهي پر ان دور جا ويچار ٻه اياز کي نثر ۾ ”مضمون“ جي صنف ۾ اعليٰ پائي جو مضمون نگار ثابت ڪن ٿا. سندس موضوع سنڌ ئي آهي ۽ پڙهندي اهو ٿو محسوس ٿئي جڻ اياز اڄ جي سنڌ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي. جيئن لکجي ٿو ته: ”اڄ اسين زندگي ۽ موت جي چؤواٽي تي بيٺا آهيون. ممڪن آهي ته موجوده فرقيوار ڪشمڪش ۾ اسان جي علحدي تهذيب الڳ قوميت، ٻولي، ادب، آرٽ، اقتصادي (Economics) ترقي مطلب ته جدا شخصيت ميٽجي وڃي“ (2)

اڳ ۾ اهو مشهور تاثر آهي ته محمد ابراهيم جويو صاحب جو مشهور پمفليٽ (Save the Sindh, Save the Continent) ورهاڱي بابت سنڌ جو آواز ٿي اڀريو هيو پر ان جي ادبي تاريخ ۾ اهميت اکين تي ۽ بيحد اهم آهي پر اياز جا خيال ٻه سنڌ جي عڪاسي ڪندي، جامع انداز ۾ سنڌ جي تاريخي حيثيت کي دفاع ڪندي نظر اچن ٿا. ڇا ته سنڌ جي تاريخي پيڙا کي هن مضمون ۾ قلمبند ڪيو ويو آهي! جيڪو ڪنهن تاريخدان کان وڌيڪ اثر انگيز لڳي ٿو. وڌيڪ لکي ٿو ته:

”ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته دنيا بين الاقواميت ڏانهن وڌي رهي آهي، پر اها بين الاقواميت ڪهڙي، جنهن ۾ قوميت صفا ميٽجي وڃي؟ دنيا جا مزدور هڪ نظام لاءِ لڙي رهيا آهن، پر ان جي معنيٰ اها نه آهي ته هو هڪ قوم آهن“. (3)

هتي اياز قوميت ۽ بين الاقواميت وچ ۾ سولي نموني فرق سمجهائي ٿو ۽ پنهنجي قوم جو دفاع ٻه ڀرپور نموني ڪري ٿو. وطن لاءِ سندس احساس ۽ جذبا سندس شاعريءَ ۾ ٻه قابل قدر آهن ته نثر ۾ پڻ. وڌيڪ سمجهائي ٿو ته:

”اها ڳالهه صحيح آهي ته پوءِ جپانين جو چينائين تي ظلم زبردستي ڇو نٿو ڏيو وڃي؟ هو ٻئي ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ آهن ۽ ساڳئي وقت چين ۾ زرعي زمين ٻه جام آهي. اهو وساري ويٺا آهيون ته: ”اول خويش، پوءِ درويش“. يا مسجد ۾ ڏيئو ۽ گهر ۾ اونداهه“. (4)

هتي اياز جا محاورا ڏسو، تشبيهون ڏسو، جتي ڪٿي فني قابليت ۽ اها ئي مضمون بابت پڙهندڙ جي دلچسپي برقرار آهي. آخر ۾ چوي ٿو ته:

”هندو ـ مسلم عوام کي متحد ٿي، جاگيرداري ۽ سرمائيداري قوتن جو مقابلو ڪرڻو آهي. ”هر ۽ هتوڙو“ زمين تي راڄ ڪندو“. (5)

اياز جي ان دؤر ۾ ٻه ڪيڏي نه اعليٰ ۽ پختي ترقي پسند سوچ آهي ۽ سماجي ذميواري ٻه سندس قلم جي حرمت کي واضع ٿي ڪري ۽ ڪيس هڪ

ڪميٽيڊ (Committed) ليکڪ ثابت ٿي ڪري ۽ ادب براءِ زندگي جو بنياد فراهم ڪري ٿي.

## ادب فقط ادب آهي:

اياز جو هي مضمون نور الهديٰ شاهه جي شاعريءَ جي ڪتاب ”قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ“ بابت آهي پر ادبي اهميت جي لحاظ کان بيحد اهم آهي. جس آهي ثقافت کاتي سنڌ کي جنهن اياز جا هھڙا قيمتي مضمون گڏ ڪري ڇپائڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي، جيڪو اڳتي هلي ادبي تاريخ ۽ ادبي تحقيق لاءِ نهايت ڪارائتو ثابت ٿيندو.

هن مضمون ۾ اياز ادب کي محدود سياست تائين رکڻ ۽ سياسي پارٽين يا نظرين جي قيد کي پسند نٿو ڪري ۽ ادب ۽ آرٽ توڙي فن کي آزاد حيثيت ڏيارڻ جي حق ۾ دفاع ٿو ڪري جنهن لاءِ هو، مزاحمتي شاعري لاءِ پولينڊ، هنگري، چيڪو سلواڪيا ۾ اشتراڪي تشدد ۽ تسلط جا مثال ڏئي خبردار ڪري ٿو. فلسطين جي مزاحمتي شاعريءَ جي چونڊ ڪلام (Anthology) مان مثال ڏئي ٿو. جيئن:

منهنجي هٿ ۾ قلم رکيو اٿائون،
منهنجي هٿ ۾ ڪاغذ رکيو اٿائون،
منهنجي هٿ ۾ گهر جي چابي رکي اٿائون،
تن سيني مون کي چيو ـ ”مزاحمت ڪر!“

منهنجي گهر جي چابيءَ چيو:

”پنهنجي گهر جي هر پٿر لاءِ مزاحتم ڪر!“ (6)

ڇا ته هنن سٽن ۾ اتساهه ڀريا خيال آهن!

۽ چوي ٿو ته:

”اها شاعري وقتي شاعري آهي. جنهنجي اسرائيل سان ياسر عرفات جي ڪنهن فيصلي کان پوءِ اهميت ختم ٿي ويندي“. (7)

ان سان گڏ ئي فلسطيني شاعر محمود درويش جي مجموعي (The Sand) ۾ آيل شعرن کي اهميت ڏئي ٿو. اياز هتي U.S.S.R جي (Disintegration) کان پوءِ، پيدا ٿيل حالات تي فلسفياڻي اندازِ فڪر ۾ سمجهايو آهي ۽ ڪوشش ڪئي آهي، ته سنڌي ادب کي ڪٿي بيهڻ گهرجي؟ ان ڪري هن

مضمون ۾ سنڌي ادب کي سنڌي سماج جو راهنما ۽ سياست کي توازن ۾ آڻڻ لاءِ ڄڻ ته راهنما اصول طئه ڪيا آهن. جڏهن لکي ٿو ته:

"ادب سياست جو آلئه ڪاريا ذريعو نه آهي. سياست ادب جي آلئه ڪار آهي ۽ هن کي تخليق لاءِ سازگار ماحول مهيا ڪري سگهي ٿي. ادب فقط ادب آهي، ترقي پسند ۽ رجعت پسند، حقيقت نگاري ٻئي اسٽالن جي ايجاد هئا ۽ 1929ع کان اڳ انهن لفظن جو دنيا ۾ وجود ئي نه هو. مارڪس ۽ لينن هي لفظ ڪم نه آندا آهن" (8)

اياز جا ادب بابت ڪيڏا نه ڳوڙها ويچار آهن! مضمون ۾ سٽ سٽ ۾ ڄاڻ جي ڪاڻ ۽ عالمي اڀياس جي جهلڪ نظر اچي ٿي ۽ علمي توڙي ادبي ديانت ٻه اهڙي جو پڙهندڙ جي رهنمائي ڪندي پنهنجو فرض ٿو سمجهي ۽ عالمي توڙي ڏيهي سازشن توڙي ادبي بي راهه رويءَ کان ٻه پڙهندڙ توڙي اديب کي خبردار ڪري ٿو. هن مضمون ۾ اياز، نثري نظمن جي محتاط نموني ۽ شرطيه انداز ۾ حمايت ڪئي آهي. جيڪڏهن قابليت هجي ته نثر ۾ ٻه شعريت پيدا ڪري سگهجي ٿي.

**گهنگهور گهٽائون ۽ ٽڙ جا مور:**

اياز جو هي مضمون ٽڙ بابت آهي جيڪو "ٽڙ سيمينار" لاءِ پيغام آهي. اهو سچ آهي ته اياز جي شاعريءَ ۾ ٽڙ جو پنهنجو الڳ هُڳاءُ آهي ۽ عليحدو انداز آهي. ٿري لوڪ گيتن کان وٺي هائيڪن جا منظر ۽ نظمن تائين ٿر جا اياز تي اثر رهيا آهن، جيڪي تحقيق لاءِ خام مال جي حيثيت رکن ٿا. 1967ع ۾ اسلام ڪوٽ کان ننگر پارڪر تائين اياز پنهنجي دوست جمال ابڙي ۽ ابراهيم جوئي صاحب سان گڏ سفر ڪيو هو ۽ ٿر جو چپو چپو گهميو هو ۽ ان سفر جا نقش سنڌس شاعريءَ ۾ جام ملن ٿا. "ٿر تنهنجا ٿوهر....." وائي، يا "اڙي چنڊ! اڙي چنڊ!...." (نظم) ۽ گيت سنڌس شاهڪار شاعريءَ ۾ ٿر جو ٻه حصو آهي. واقعي ٻه قدرت ٿر کي جتي وساري رکيو آهي ته اتي سنڌس سونهن کي امرتا بخشي آهي (۽ هاڻي ته ٿر ڪوئلي جي دريافت کان پوءِ سون لڳو پيو آهي. شل ڪا بدِ نظر نه لڳيس!) بقول سنڌس ته:

"ڪينجهر ۽ ڪارونجهر منهنجي شاعريءَ جون مکيه علامتون آهن" (9)

سنڌس علامتون ٻه نياريون ۽ منفرد ملن ٿيون، جيڪي ٻين کان نمايان ۽ بلڪل منفرد آهن.

"مٿيءَ ۾ پرهه جون عورتون کوهه مان پاڻي ڀري رهيون هيون. اهو منظر بار بار منهنجي شاعريءَ (منظوم توڙي نثري) ۾ نوان رنگ روپ نيون

تشبيهون ۽ تمثيلون تي ايندو رهيو آهي. بيت، وايون، نظم ان سان ائين جهنجهيا پيا آهن جيئن برسات ۾ ٿر واسين ۽ گلن سان جهبجي ويندو آهي“. (10)

ٿر جا منظر، ٻولي، صحرا ۽ ماڻهن جا درد واقعي ٻه مسافرن کي متاثر ڪرڻ جي سگهه رکن ٿا. پر اياز ته هڪ وڏو شاعر هو يعني حساس انسان ۽ ائين ئي ڀٽائيءَ سان ٻه ٿيو هو.....! ٿر جي پنڊتن جوتشي جا جمال ۽ اياز جس مستقبل جي صحيح پيشن گوئي ٻه اياز نه وساري سگهيو آهي ۽ اياز پنهنجي ساري شاعري ”دعا“ طور ٿر کي ارپي آهي. شالَ اگهامي پوي.....!

**ڪهاڻيءَ جي تاريخ:**

شيخ اياز جي اها خوبي آهي ته هو پنهنجي شاعريءَ جو شارح ٻه خود آهي ته پنهنجي ڪهاڻيءَ جو شارح ٻه پاڻ آهي. پنهنجي هر ڏوهه جو ڏوهي هئڻ جو اعتراف ٻه پاڻ ٿو ڪري ته ايوانن کي لرزش ۾ آڻي، زندان اڏائڻ جي صلاحيت ۽ نئون دور تخليق ڪرڻ جي سگهه ٻه رکي ٿو. گونگي عوام الناس کي زبان ۽ ٻوڙي سماج کي سماعتن سان ٻه نوازي سگهي ٿو. انڌي قانون جي وجايل روشني ٻه ڳولي ڪيس واپس ورائڻ جي طاقت رکي ٿو. ڪهاڻيءَ جي تاريخ ۽ ان جي ٽيبل تي سجائي ڪيس حيرت ڏياري سگهي ٿو ته مضمون ۾ نوان ماپا آڻي، دنيا جي عقل ڪل کي ڪوزي ۾ آڻي ڄاڻي ٿو. هن مضمون ۾ ڪهاڻيءَ جي قدامت ۽ Neolithic دؤر کان وٺي دؤرِ جديد تائين ڪهاڻيءَ جي تاريخ بيان ڪئي اٿس. سندس تحرير جو انداز ڏسو:

”آريا قوم زمين تي مرڪندي وڌندي، ڦهلجندي وئي، ان ڀڄڻ، گيت، ڪيرتن پيدا ڪيا. اُپنشد، رامائڻ، مهاڀارت وغيره ۾ ڌرمي ڪهاڻيون، جن ۾ ان سمي جي سياسي ۽ سماجي جيوت، راجائن جو رعب تاب، پرجا جو ڏک سک، وهم وسوسا ۽ ريتون رسمون چيون ويون. ان وقت جي غلاميءَ پورهئي تي ٻڌل سيپتا جو عڪس آهن. يوناني ادب ۾ ”اليڊ“ ۽ ”اوڊيسي“ مکيه جڳهه والاري ٿو. ان ۾ ماحول جي عڪاسي ۽ ان وقت جا اخلاقي قدر Moral Values آهن“. (11)
ويچارن اندر تاريخ آهي. اياز جي مطالعي جو عڪس جاندار آهي.

**ڪهاڻي ڇو لکجي؟**

”هيءَ هڪ زندگي جي ڪهاڻي آهي جنهن جو صفحو صفحو رُوئاري ۽ ڪلائي، رُسائي ۽ پرچائي، منجهائي ۽ سمجهائي. ان جي سٽ سٽ ۾ يا ته ڪتڪتائي آهي يا ڇهنڊڙي يا ٺڦ يا نوڪر“ (12).

ڪيڏو نه وزندار تجزيو آهي ڪهاڻيءَ جي فن بابت!

**ڪهاڻي ڪيئن لکجي؟**

اياز هتي ڪهاڻيڪار کي پلڪار ۽ سنسار کي ڪينواس وانگر سمجهي ٿو. بس رڳو پنهنجي آس پاس نظر ڪر ته ڪهاڻي ئي ڪهاڻي آهي. سندس چواڻي انساني فطرت جو مطالعو ۽ زندگيءَ جي تنقيد Study of Human Nature ۽ Criticism of Life ضروري آهي. سندس ڪهاڻين جو نمونو نفسياتي ڪهاڻي وارو آهي.

هتي اياز، ڪهاڻيءَ جي بيان جا قسم ڏنا آهن. جيئن، ”ضمير واحد غائب“ ڪر آڻڻ يعني ”هو يا هوءَ“ سان، ضمير متڪلم ڪر آڻڻ يعني ”مون“ سان ۽ فني ضابطو هئڻ ڪري مصنف بي تعلق ٿي ڪوئي واقعو بيان ڪري. ان کان علاوه ”خطن ۽ ڊائرين“ وسيلي ڪهاڻيون. ناول، زندگيءَ جي ڊيگهه ۽ ڪهاڻي ان جو عمق (Depth). هن مضمون ۾ اياز ڪهاڻيءَ جو تقابلي جائزو پيش ڪيو آهي. سندس مطابق هندستاني ادب ۾ اردو ڪهاڻيڪار ڪرشن چندر جنهن ۾ انقلابي رومانيت آهي ۽ هر ڪهاڻيءَ ۾ انفراديت اٿس. اپندر ناٿ ايشڪ، وچولي طبقي جو نمايان ليکڪ، راجيندر سنگهه بيدي، جنهن جي ڪهاڻيءَ ۾ واقفيت، رومانيت، ۽ مشاهدو ملي ٿو ۽ ٻيا مثال به ڏنا اٿس جن ۾ علي عباس حسيني، عصمت چغتائي (جنس جي ماهر، افسانه نگار) سعادت حسين منٽو(هندستان جو ڊي. ايچ. لارينس). سندس چواڻي:

”سنڌي ليکڪ اڃا ان سائيڪل جي نئين سيکڙاٽ جيان آهن جنهن کي سائيڪل تي چاڙهي ڪٽي ميدان ۾ ڇڏيو وڃي، ڏڪ ڪائي هڏ پيجي. ان جو به امڪان آهي. پر اها اميد به آهي ته سندس اٽل ارادو ڪيس ڪوشش ۾ ڪامياب ڪندو. (13)

هن مضمون ۾، اياز سنڌي ڪهاڻيڪار مان مايوس ناهي پر ڪيس اميد جي جهان ۾ آڻي سنڌي ڪهاڻيءَ مان عالمي ادب جي سطح جي ڪهاڻي جي توقع رکي ٿو. (۽ اڳتي هلي سنڌي ڪهاڻيڪارن عالمي سطح جون ڪهاڻيون لکيون به ۽ لکن پيا......!)

**خيال، احساس، امنگ:**

هن مضمون ۾ اياز پنهنجي ڪهاڻين بابت سمجهاڻي ۽ وضاحت پيش ڪئي آهي ۽ سندس نظريو بلڪل عليحده آهي ۽ رستو ٻين کان الڳ آهي. شاهه جي مصداق ”لوڪ لنهوارو هلي، تون اوچو وهه اوپار!) سو اياز به ادب جي هر صنف ۾ ڪنهن جو به محتاج ناهي. (بلڪ ٻين سندس راهه تي هلي منزل ماڻي

آهي). هن مضمون ۾ اياز سنڌي اديبن جي رهنمائي ڪئي آهي ته سنڌي اديب جي جدا شناخت هجڻ گهرجي، ڇو ته سنڌي تهذيب توڙي قوم ٻين کان مختلف آهي ۽ جيڪڏهن سنڌن خصوصيت الڳ هوندي ته ئيڪ نه ته، اياز جي لفظن ۾ ته:

"اها ڪهاڻي ڪانو جيئن مور جي رفتار ڏسي پنهنجي چال وساري ويهڻ جي مثال ٿيندي" (14).

"اها هڪ وڏي سمجهاڻي آهي نئين نسل لاءِ. هن مضمون ۾ سنڌ ۾ رايل انڊين نيويءَ جو مظاهرو ۽ قرباني هندستان جي اينڊڙ انقلاب جو شروعاتي قدم هو. سنڌ کي فخر آهي ته غير جي چنبي مان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ پهريون ڦٽڪو سنڌين ڪاڊو آهي" (15)

هتي اياز سنڌين جي تاريخي جدوجهد ۽ تاريخ جي درستگي توڙي "تاريخ" کي نئون رخ به ڏنو آهي. سندس مطابق سندس "رولو" ڪهاڻي نه به پر مضمون آهي، وطن دوست اداڪار جو ۽ ديس سان دلچسپي رکندڙ ڪردار جو ۽ ڪردار بابت. "ڪارو رنگ ۽ شرابي" ٻه ڪهاڻيون سندس مطابق سرئيلزم يا حقيقت کان دوري جو مثال آهن، شرابي، اوندهه جو ڳولائو ۽ روشنيءَ جو پاڇوڪڙ ۽ "ڪارو رنگ" گهٽ معمولي انسان جي طبيعت جي ڦير گهير جو نه وسرندڙ احساس آهي. هن مضمون ۾ اياز ڪهاڻي ۽ سندس ڪهاڻين بابت کليءَ دل سان ڳالهايو آهي ته "سنڌي ڪهاڻيون" آهن.

**جديد ادب جي اهميت:**

اياز هن مضمون ۾ جديد ادب جي نڪتن "ڪم نظري" ۽ "بالغ نظريءَ" بابت بحث ڪيو آهي. سندس مطابق ڪم نظريءَ جو دليل اهو آهي ته جديد کان جديد ترين شاعر يا اديب به پنهنجي ماضيءَ کان بلڪل منحرف نٿو ٿي سگهي ۽ بالغ نظريءَ جو دليل اهو آهي ته هر سچو فنڪار ڪنهن جي به نقش قدم تي هلڻ کان پاسو ڪندو آهي ۽ پنهنجي راهه ۽ منزل پاڻ متعين ڪندو آهي. هن نقط نظر ۾ ازررا پائونڊ جو آمريڪي بهترين شاعر والٽ وٽمن بابت نظم ڏنو اٿائين. سندس مطابق "منفرد فنڪار جي شروعات بغاوت سان ٿئي ٿي، ماضيءَ جي هر پراڻي نقش سان عداوت، هن کي فني ارتقا ۾ معاون ثابت ٿئي ٿي. پر انهن نشانن جي به ارتقا جي سفر ۾ اهميت آهي. سندس خيال ۾: "فن شيرين" آهي جنهن جا سوين رنگ روپ آهن. فنڪار جو روح ان ۾ صدها رنگين جي تلاش ڪري ٿو. اهو نا ممڪن آهي ته هو ان جي فقط هڪ ئي مانوس صورت تي مطمئن ٿئي" (16).

سندس مطابق، باغي فنڪار ماحول جو محتاج ناهي. هو پنهنجو ماحول پاڻ پيدا ڪري ٿو. هن مضمون ۾ اياز، فن ۽ تخليق کي ”شيرين“ سان تشبيهه ڏئي مضمون جي عنوان کي وڌيڪ پرڪشش ۽ تخيلاتي بڻايو آهي. هي مضمون اڍائي صفحن تي مشتمل آهي پر اڍائي سؤ صفحن جيترو مواد ڏنل آهي. ممضمون ۾ بحث موثل انداز ۾ ۽ مطالعي جي اثر هيٺ اثر انگيز آهي. آخر ۾ پٽائيءَ جي ”سر ڪارايل“ مان هڪ سٽ ڏئي بحث کي سميٽيو اٿائين: ”آسڻ جن آريج، جن جي وِهه جو ورن هيو“ مضمون ۾ دليل، مشاهدو ۽ مطالعو تجرباتي نوعيت جو آهي، جنهن اياز کي غير معمولي مضمون نگار بڻايو آهي.

## شاعريءَ جا فني قدر ۽ سنڌي شاعري:

اياز جو هي مضمون هئيت جي لحاظ کان گهڻو طويل مضمون آهي جنهن کي تحقيقي مقالو ”چئون ته بهتر ٿيندو، ڇو ته هي مضمون 140 صفحن تي مشتمل آهي. پر فني لحاظ توڙي فڪري لحاظ کان بيحد اهم آهي ۽ جديد شاعري توڙي جديد سنڌي شاعريءَ بابت هڪ ”دستاويزي راهنما جي“ جي حيثيت رکي ٿو. بنيادي طور تي هيءُ هڪ مهاڳ آهي جيڪو اياز جديد سنڌي شاعرن جي چوند شاعريءَ جي ڪتاب ”ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان“ لاءِ لکيو هو. مظفر چانڊيي سهيڙيو هو ۽ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1992ع ۾ ڇپيو هو.

هن تحقيقي ۽ پرمغز مضمون ۾ اياز شروعات ڀارتي سنڌي اديبا ريٽا شاهاڻيءَ جي ”نثري نظمن“ تي راءِ سان ڪئي آهي. سندس شاعريءَ ۾ ”ڀارتي ورش جي خوشبوءِ ته آهي پر ان ۾ ابهام آهي“. جو نه صرف هن ديس جي وحدانيت ۾ آهي پر هر مذّهب جي وحدانيت جي تصور ۾ آهي“. اياز هن مضمون ۾ ڪائنات تي ۽ ان جي وجود بابت به بحث ڪيو آهي.

پيرو مل جي”قديم سنڌ“ ۾ رگ ويد جي ٽڪرن تي ڳالهايو اٿائين. جنهن ۾ ”هستي ۽ نيستي“ جو تصور آهي. هتي منظوم شاعري ۽ نثري شاعريءَ تي به ڏاڍو ڪليل ۽ بيحد اهم ۽ وقتائتو بحث ڪيو اٿائين ۽ گهڻي ڀاڱي منظوم شاعريءَ جي حمايت ڪئي اٿائين. خاص طور تي فني پختگي لاءِ سنڌي نوجوان شاعرن جي رهنمائي ڪئي اٿائين ۽ ڪين تلقين ڪئي اٿائين ته نظم کي منظوم طور لکو، نڪي نثري شعر ۾ وقت وڃائين ۽ علم عروض جي ڄاڻ به سني ڏني اٿائين ۽ نوجوانن کي به سکڻ ۽ مشق جي صلاح ڏني اٿائين جيئن ڪرستاني روايت ۾ سليمان جي گيتن جو گيت به ڏنو اٿائين. هتي سنسڪرتي شاعرائن جو ذڪر ڪيو اٿس. جيئن: وِڄا، سيلا، پٽريڪا، چندريڪا، گوري، پدماوتي، ڦلگو ۽ انهن جي محبت ۽ فطرت جي  اياز هتي هندي شاعريءَ جي علامت نگاريءَ تي

بہ ڳالهايو آهي. علامتون: سانگي پکي ـ سرءُ، چٽندڙ پن ـ سياري، هاٿي چال ـ باري ياري پٽي، ڳپ ـ سلسلي، پنر ـ آرنپ، آس، اُنيو جي علامت. اياز آزاد نظم کي ساراهيو آهي پر ٻشرطيڪ اهي وزن بحر تي هجن، پاڻ بہ نثري نظم لکيا اٿائين پر سندس چواڻي اهي سندس نوٽ بڪ ۽ ڊائريءَ جو حصو آهن جي کنهن ناول يا سفرنامي جو حصو ڪرڻ تي چاهيائين (شيڪسپيئر وانگر، اياز ٽئگور جو مثال ڏنو آهي جنهن کي نوبل انعام ملڻ بعد هر شاعر نثري نظم يعني نثري شاعري لکڻ جي رومانس ۾ هو تہ ڪيس بہ ”نوبل انعام“ ملندو (اياز هتي هڪ دڪاندار جو مثال ڏنو آهي جنهن کي بہ نثري شاعريءَ جو ڪريز هو) هن مضمون ۾، اياز مصري، اردو، انگريزي، هندي، سنسڪرت، روسي، فارسي وغيره شاعريءَ مان مثال ڏئي تجزيو ڪندو ويو آهي. جنهن مان اياز جي اعليٰ پايي جو مطالعو ظاهر ٿئي ٿو. سندس مطابق:

”گهڻ ۾ گهڻ فيض تائين تہ اردو شاعرن کي فن تي مهارت حاصل آهي.“ (17)

اياز، اقبال ۽ غالب مير تقي مير ۽ فيض جي شاعريءَ جو فني جائزو بہ ورتو آهي ۽ نون سنڌي شاعرن کي مير تقي مير جي مطالعي ڪرڻ جي تلقين بہ ڪئي آهي. اياز پنهنجي شاعريءَ جو جائزو بہ ورتو آهي سندس مطابق، سندس شاعري ۾ (51) بحر استعمال ٿيا آهن سواءِ (5) بحرن جي يعني اياز جملي 45 بحر شاعريءَ ۾ ڪم آندا آهن. اياز هن مضمون ۾ 1. بحر هزج مثمن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن کان 51. بحر بسيط مثمن مطوي: متفعلن فاعلن مفتعلن فاعلن تائين سمورن بحرن جا نالا ڏنا آهن. (بهتر ٿئي ها جيڪڏهن هر بحر شاعر جي تقطيع سان گڏ سمجهايو وڃي ها تہ وڌيڪ نون شاعرن جي رهنمائي ٿئي ها!) اياز مطابق فارسي بحر وزن اسان لاءِ شيءِ آهي جيڪو گدا ۽ سانگي جي دؤر ۾ آيو ۽ ان کي ڪوئي بہ سنڌي شاعر مسترد ڪري سگهي ٿو. اياز هتي مذهبن ۽ ڪميونزم جو تقابلو بہ ڪيو آهي تہ:

”ڪميونزم انسان نہ پر درندا پيدا ڪيا. بگهڙ، هاتار جن کي چير ڦاڙ ڪندڙ وڄ هئا، تِکا، اڻ - کهلا، ڪَنور ننهن هئا!“ (18)

اهو ئي سبب هو جو اڳتي هلي اياز مذهبي لاڙي ۽ تصوف ڏانهن راغب ٿيو ۽ ”اٿي اور الله سان ۽ شاعريءَ جو سجدو“ جهڙا ڪتاب بہ لکيائين جن ۾ سندس ذهني لاڙو واضح طور تي تبديل ٿيندڙ نظر اچي ٿو پر فني اڏام ساڳي اٿس، تخيلاتي اوچائي ساڳي اٿس. هن مضمون ۾ اياز نون جديد سنڌي شاعرن جو جائزو بہ ورتو آهي جيئن: حسن درس، حسن مجتبيٰ، شبنم گل، دارا ابڙو، بخشڻ مهراڻوي، وسيم سومرو، امر سندو، جان خاصخيلي، سعيد ميمڻ، اياز

جاني جن مان ڪن جي واکاڻ ڪئي اٿائين. انهن جي تخيلاتي اڏام ۽ تخليقي صلاحيتن جو اعتراف ڪيو اٿائين. جيئن: وسيم سومرو، حسن مجتبيٰ، حسن درس، بخشڻ مهراڻوي، سعيد ميمڻ، اياز جاني ۽ ڪن جي اصلاح ڪري راهنمائي ڪئي اٿس. آخر ۾ پڇاڙي واري صفحي تي سينٽ جان پرسي جي سٽ ڏني اٿس: (اهو شاعر لاءِ ڪافي آهي ته هو پنهنجي دور جو مجرم ضمير ٿئي).

**اياز جي مضمونن جا موضوع:**

اياز جي مضمونن جا موضوع مختلف آهن: سنڌي قوم، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، سنڌي شاعري، جديد ادب، سنڌس شاعري ٽر جي خوبصورتي، ڪهاڻيءَ جو فن ۽ تاريخ، سنڌس ڪهاڻين جون خوبيون، ملڪي ادب، سنڌي شاعرن جو جائزو ۽ عالمي ادب ۽ شاعريءَ جو جائزو، علائقائي ۽ ننڍي ڪنڊ جي شاعريءَ جو جائزو وغيره جن سان اياز پرپور نڀايو آهي ۽ شاعري، افساني، آتم ڪهاڻي، ادبي خطن کان پوءِ مضمون نويسيءَ ۾ به شاعراڻو انداز ۽ نوان نقش ڇڏيا اٿس.

**مضمونن ۾ ڪم آندل ٻولي ۽ پڙهندڙ تي اثر:**

اياز جي مضمونن ۾ خوبصورت محاورا، حسين خيال ۽ دانشوراڻا ويچار ۽ ڳوڙها خيال توڙي فلسفياڻي انداز ۾ بحث وڪ وڪ تي ۽ سٽ سٽ ۾ موجود آهي ۽ سندس مضمونن ۾ پر ڪشش جملا پڙهندڙ کي متاثر ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا مضمون ۾ دلچسپي پيدا ڪن ٿا ۽ اياز ٻولي تخليق به ڪئي آهي. مضمونن ۾ نوان نوان لفظ ڪم آندا اٿائين جنهن سان اياز جي تخليقي سگهه نروار نظر اچي ٿي ۽ سندس لسانياتي صلاحيت ۽ ڄاڻ به صاف نظرجي ٿي. سندس مضمون شاعراڻي انداز ۾ لکيل آهن ۽ خارجي پهلو به وافر مقدار ۾ موجود آهي. جنهن سان ڪامياب مضمون جو پتو پوي ٿو.

**حوالا:**

1. لغاري، اڪبر. "سنڌي ادب جو مختصر جائزو"، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن 1999ع، ص 87
2. شيخ اياز. "جي تند برابر توريان، "شيخ اياز ـ نثر 5، حيدرآباد، ثقافت کاتو، سنڌ. 2010ع، ص 165.

3. ساڳيو ص 24
4. ساڳيو ص 25
5. ساڳيو ص 32
6. ساڳيو ص 34
7. ساڳيو ص 34
8. ساڳيو ص 35
9. شيخ اياز: ”جي تند برابر توريان، ”شيخ اياز ـ نثر 5، حيدرآباد، ثقافت کاتو، سنڌ. 2010ع، ص 165.
10. ساڳيو ص 166
11. ساڳيو ص 166
12. ساڳيو ص 171
13. ساڳيو ص 172
14. ساڳيو ص 173
15. ساڳيو ص 178
16. ساڳيو ص 178
17. هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر: ”ادب، سماج ۽ زندگي“ واڳڙو در، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي. 2006ع.
18. چانديو، مظفر: ”ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان“، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي. 1992ع، ص 43